# مهراڻ

٣/١٩٨٨ع



INSTITUTE OF SINDHOLOGY
RESEARCH LIBRARY
EXCHANGE OF PUBLICATIONS
UNIVERSITY OF SIND JAMSHORO

6116
11.2.89




شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٧] [نمبر ۴

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

١٩٨٨ع

---

چيف ايڊيٽر

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ايڊيٽر

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

معمور يوسفاڻي

انچارج ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

# مهراڻ


سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 37, No. 4, 1988
[Established in 1955]


- An age old] leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- ContemporaryCreative Literature, History,Civilization,Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:


Editor 'Mehran', Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro (76070)
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Telephone; (0221) 71176


[سرورق: منصوره جي ڏل جو منظر]

سلائيڊ: بابر سومرو

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ۲۴۲٦۴)

في ڪاپي: ۲۰-۰۰ رپيا      ساليانو چندو: ۷۵-۰۰ رپيا


Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind, Pakistan.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# حال احوال

(ايڊيٽوريل)

## سنڌي ادب جا چند مکيہ مسئلا

سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ جي راهہ ۾ ڪيترائي مسئلا گذشتہ دؤر ۾ حائل رهيا آهن. وقت جي حڪومتن جو هر دؤر ۾ انهن مسئلن طرف توجهہ ڇڪايو پئي ويو آهي، تاهم مسئلا بدستور ساڳيءَ صورت ۾ يا نئينءَ صورت ۾ وري بہ سنگ راهہ پئي رهيا آهن. موجوده دؤر ۾، جتي زندگيءَ جي هر شعبي جون توقعات لئين سر استوار ٿي رهيون آهن، اتي اداره مهراڻ، سنڌي ادب ۽ اديبن جي طرفان حڪومت وقت جو توجهہ انهن مسئلن ۽ تجويزن ڏانهن ڇڪائڻ پنهنجو فرض سمجهندي هيٺيان مطالبا ڪري ٿو:

(١) مئي ١٩٧٥ع ۾ هڪ ٽي ڏڪ سان هڪ سئو جي قريب سنڌي ادبي ڪتابن ۽ ڪتابي سلسلن، يارنهن رسالن ۽ اخبارن ۽ يارنهن پريسن کي بند ڪرڻ جو قدم کنيو ويو. ان ڏکوئيندڙ قدم سان سنڌي ادب کي هاڃو رسيو ۽ "سهڻي" جهڙو مقبول ۽ معياري رسالو بہ بند ڪيو ويو هو. بزرگ اديب ۽ صحافي جناب محمد عثمان ڏيپلائي ۽ جناب طارق اشرف کي جيل اماڻيو ويو. سنڌ جا ادبي حلقا هڪ عرصي کان وٺي اهو مطالبو ڪندا ٿا رهن تہ ڪتابن ۽ رسالن تان بندش هٽائي وڃي. يارنهن سالہ آمرانہ دؤر ۾ اهو احتجاج صدا بصحرا پئي ثابت ٿيو. هاڻي چونڊيل حڪومت تي فرض آهي تہ ان جي تلافي ڪئي وڃي ۽ سنڌي ڪتابن، ڪتابي سلسلن، "سهڻي" رسالي ۽ ٻين پرچن تي وڌل مذڪور بندش لاٿي وڃي.

(٢) سنڌي رسالن ۽ اخبارن کي ڊڪليئريشن ملڻ ۾ جيڪي دشواريون سامهون اچن ٿيون، سي ڪنهن بہ طويل تشريح جون محتاج ناهن. موجوده حڪومت، پريس ۽ تحرير جي آزاديءَ لاءِ جيڪا معقول سوچ شروع ڪئي آهي، ان جو دليل ٽي. وي ۽ ريڊيو جون تازه نشريات آهن. جمهوري قدرن جي آبياريءَ لاءِ جتي

(٨) سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، فنڪارن ۽ هنرمندن ۽ سگهڙن لاءِ سنڌن بيمارين دوران علاج معالج لاءِ معقول اپاءَ ورتا وڃن. ماضي قريب ۾ اسان جا ڪيترائي مڃيادار اديب، شاعر ۽ فنڪار حڪومت طرفان ڪهڙي به مناسب سار سنڀال نه لهڻ ڪري بي توجهيءَ جو شڪار ٿي ويا! (۽ ڪيترا اديب، شاعر، فنڪار، سگهڙ وغيره اڄ به ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ توجهه لاءِ واجهائي رهيا آهن.)

(٩) سنڌي زبان جي عالمن ۽ دانشورن، اديبن ۽ شاعرن کي غير ملڪي دورن ۾ مناسب حصو ڏنو وڃي. مختلف سرڪاري وفدن ۾ سنڌن نمائندگيءَ جو پڻ خيال رکيو وڃي. اديبن ۽ شاعرن کي پڻ، ملڪي صحافين کي ملندڙ رعايت وانگر، ريل ۽ فضائي ڀاڙن ۾ رعايت ڏيڻ جو اهتمام ڪيو وڃي

(١٠) سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان وقتا فوقتاً ختم ڪرڻ لاءِ جيڪي اُپهرا ۽ آڳرا قدم کنيا ويندا آهن، اهو ڏکوئيندڙ سلسلو بند ڪرڻ کپي. سنڌي ٻوليءَ کي ان جو جائز مقام ڏيندي، هوشمنديءَ کان ڪم ورتو وڃي، ۽ سنڌي ميڊيم اسڪول بحال ڪيا وڃن.

(١١) ٽيليويزن تان روزانه اٺن ڪلاڪن جي نشريات مان سنڌي زبان کي فقط ٢٥ منٽ ڏنا وڃن ٿا. ڪن خاص پروگرامن سبب انهن جو نزلو به سنڌي پروگرامن تي ڪيرائڻ هڪ پراڻي روايت آهي. اهل سنڌ ۽ سنڌي اديبن جو اهو ديرينه مطالبو آهي ته سنڌي زبان کي معقول حصو ڏيڻ لاءِ روزانه گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ مخصوص ڪيا وڃن، جيئن سنڌي اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ سگهڙن کي سنڌن جائز حق ميسر ٿئي. ٽي. وي تي سنڌي پروگرامن کي وڌيڪ وقت ملڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي پنهنجي ٢٢- نومبر ٨٨ع واري اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان ٺهراءُ پاس ڪري، وفاقي حڪومت ڏانهن اهڙي گهر ڪئي آهي، ان ڪري ان مطالبي جي معقوليت ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش باقي نه رهي آهي.

(١٢) سنڌ جي هڪ فعال سماجي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيم ”سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن“ ۾ سرڪاري عملدارن جي شامل ٿيڻ تي، گذريل دور ۾ وڌل بندش هٽائڻ لاءِ به سنڌ اسيمبلي پنهنجي مذڪوره اجلاس ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو آهي. ”سگا“ جي ڪارڪردگيءَ تي روشني وجهڻ ۽ ان جي تعميري ڪردار جي تشريح ڪرڻ، هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي. اسان جو پرزور مطالبو آهي ته سنڌ اسيمبليءَ جي مذڪوره ٺهراءُ کي مان ڏيندي، وڌل بندش هٽائي وڃي.

اسان کي اميد آهي ته موجوده حڪومت مٿين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ستت ٿي اپاءُ وٺندي، جيئن سنڌي ادب، زبان ۽ ثقافت جي موثر ترقيءَ لاءِ راهه پيدا ٿي سگهي.

## مهراڻ ايوارڊس

مهراڻ رسالي جي سالانه انعامي اسڪيم هيٺ، سال ١٩٨٧ع جي "مهراڻ ايوارڊس" جو اعلان ڪيو ويو آهي. ججن جي فيصلي مطابق هيٺين تحريرن تي انعام مقرر ڪيا ويا آهن:

### (١) چونڊ مقالا

(الف) جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شڪار پور ـ سرسري جائزو" "اڍائي هزار روپيا"

(ب) جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي ڊرامن جي روشني ۾ سنڌي سماج جو مطالعو" "اڍائي هزار روپيا"

(ج) جناب محمد حسين ڪاشف "هاڪڙو درياهه" "هڪ هزار روپيا"

### (٢) چونڊ افسانا

(الف) جناب نجم عباسي "ڪاوڙ" "اڍائي هزار روپيا"

(ب) جناب انيس انصاري "پينشنر" "اڍائي هزار روپيا"

(ج) جناب رزاق مهر "آڙاهه" "هڪ هزار روپيا"

### (٣) چونڊ شاعري

(الف) جناب شمشيرالحيدري "ٽي هزار روپيا"

(ب) جناب مخدوم جميل الزمان "ٻه هزار روپيا"

(ج) جناب نذير انصاري "هڪ هزار روپيا"

## آه! بردو سنڌي

سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اديب جناب "بردو" سنڌي، ٢٦- آڪٽوبر ١٩٨٨ع تي گذاري ويو. بردي جي وفات، سنڌي ادب لاءِ بلاشبه هڪ هاڃو آهي. سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ان تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. اداره مهراڻ طرفان اسان بردي سنڌي جي رحلت تي صدمي جو اظهار ڪندي، مغفرت لاءِ دعاگو آهيون. بردي جي فن، ادبي خدمتن ۽ شخصيت تي اسان هن ئي پرچي جي آخر ۾ ڪجهه مواد سمينٽي پيش ڪيو آهي، جنهن وسيلي مرحوم جي ادبي ڪاوشن تي روشني پوي ٿي.

# آه! نٿومل ۽ صوفي نيپراج

● لاڙ جي سڄاڻ شخصيت، لائق استاد، شاعر، اديب محترم نٿومل موروائي ١٥-ڊسمبر ١٩٨٨ع تي ٽنڊي باگي ۾ لاڏاڻو ڪيو. استاد نٿومل سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيو. سنڌي ادبي سنگت سان وابسته هو. هڪ محنتي ۽ محترم استاد جي حيثيت ۾ ٽنڊي باگي، بدين ۽ لاڙ ۾ وڏيون تعليمي خدمتون سرانجام ڏنائين. خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي باگي جو انچارج هيڊ ماسٽر هو. سيڪنڊري ٽيچرس ائسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي استادن جي ڀلائيءَ لاءِ مخلصانه طور گهڻو پاڻ پتوڙيائين. ٽنڊي باگي جي سمورين علمي ۽ ادبي، سماجي ۽ ثقافتي، تعليمي ۽ سڄاڳي جي سرگرمين جي جان هو. سندس دوستن احبابن جو حلقو نهايت وسيع آهي. سندس وفات جي خبر پوري لاڙ ۾ گهري ڏک سان ٻڌي ويئي ۽ ٽنڊي باگي ۾ ڄڻ ڪهرام مچي ويو. سندس ارٿي جي رسم جي موقعي تي هزارين سوگوار دوست ۽ شاگرد اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيا هئا. استاد نٿومل موروائي جي لاڏاڻي سان ٽنڊي باگي جي ادبي محفل اجڙي ويئي! اداره مهراڻ سندس بي وقتي جُدائي تي پوين سان ڏک ۾ شريڪ آهي.

● معروف اديب، شاعر ۽ استاد، محترم صوفي نيپراج گمنام، ١٥-ڊسمبر ١٩٨٨ع تي حيدرآباد ۾ ديهانت ڪري ويو. صوفي صاحب هڪ جهوني اديب ۽ شاعر جي حيثيت سان سيني حلقن ۾ عزت جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. سڄي عمر تعليم جي بي لوث خدمت ڪندي گذاريائين، لطيف رحم جو عاشق هو، شاهه جي شاعري ۽ راڳ سان خاص شغف هوس. ڀٽائيءَ جي راڳائي فقيرن وانگر وايون ۽ بيت چوندو هو. پاڻ هڪ بهترين ۽ محنتي استاد هو. سندس دوستن ۽ شاگردن جو حلقو ڪافي وسيع آهي. علمي مجلسن، مشاعرن ۽ ريڊيو جي پروگرام ”جمهور جو آواز“ ۾ شوق سان حصو وٺندو هو. ذاتي طرح نهايت خوش خلق، نماڻو، نهٺو، ملنسار ۽ محبتي ماڻهو هو. سندس آخري رسمن جي ادائگي، ڳوٺ موري منگر نزد حيدرآباد ۾ ٿي. صوفي صاحب جي وفات تي اسان سندس پوين سان همدرديءَ جو اظهار ڪريون ٿا.

— نفيس احمد شيخ

# مهربان شاعرن کي هڪ خاص گذارش

مهراڻ جا بيشتر ڪرمفرما شاعر پنهنجو ڪلام ڪاغذ جي مختلف سائيزن تي، رف نموني سان لکي ڏيا موڪلين ٿا ۽ اڪثر پنهنجي پوسٽل ائڊريس به نٿي ڄاڻائجي. هڪڙي ڪاغذ تي ٻه-ٽي ڪلام لکي موڪلڻ به معمول ۾ شامل آهي. مهربانن کي گذارش آهي ته ان قسم جي پهتل مواد سبب پڙهڻ، چونڊ، ترتيب ۾ شامل ڪرڻ ۽ پريس ڪاپي ٺاهڻ جي مرحلن ۾ ڪافي دشواري پيش اچي ٿي ۽ بعض اوقات سٺو ڪلام به درج ٿيڻ کان رهجي ٿو وڃي.

مهربان شاعرن کي استدعا آهي ته پنهنجو ڪلام فل سڪيپ شيٽ تي لکي موڪلين، ساڳي شيٽ تي هڪ کان وڌيڪ شعر لکڻ يا پٺ تي لکڻ کان مڪمل پرهيز ڪجي، ۽ پنهنجي پوسٽل ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي.

— اداره "مهراڻ"

---

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي مطابق بي حرمتيءَ کان محفوظ رکيو وڃي.

## مـقـالا


۱. وچ ايشيا ۾ اسلامي تهذيب
(يونيسڪو جي هڪ اهم رٿا) — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۴۱
۲. انسان، زبان ۽ ثقافت — ڊاڪٽر غلام علي الانا ۵۰
۳. شاهه ۽ سچل — ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٦۰
۴. سنڌي ٻوليءَ جون مکيه خاصيتون — ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ٧۲
۵. شاهه جي شاعريءَ ۾ فن جي اپٽار — ڊاڪٽر الياس عشقي ۸۱
٦. آئي ڏناٿون، هيرا لعل هٿن سين
("سُر ڪاموڏ" جو مهاڳ) — حميد سنڌي ۱۱۳
٧. حُر مجاهد ۽ تحريڪ آزادي — محمد قاسم سومرو ۱۱۸
۸. جامع سنڌي لغات تي هڪ نظر
(لغت جِلد ۵ جو اڀياس) — ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۱۳۲


## سنڌ جي تاريخ جو حصو


۱ ڪڙلاب عمرڪوٽ عرف لامبو تلاءُ — غلام محمد لاکو ۱۵٧


## ڪهاڻيون


۱. صاحب ۽ بيگم — نجم عباسي ۱٦۴
۲. برف جي سير — انيس انصاري ۱٦۹
۳. اجهل هوا — رزاق مهر ۱٧۳
۴. ٻڙ جو وڻ — طارق عالم ۱۸۴
● جيئي لطيف (خبرنامو)
(۲۴۴— عرس شريف جي
ادبي ڪانفرنس جو احوال) — پروانو ڀٽي ۱۸٧
● تبصرا ۱۹۵
● سچڻ سفر هليا
(بردي سنڌيءَ جي ياد ۾) ۲۱۵

# بردي سنڌي جو هڪ گيت

بوندون بس نہ ڪن، پلو سائين بوندون بس نہ ڪن.

تون وئين نڪري بانورا، نهہ نهہ نيڻ نمن،
سون جهڙيون معذوريون ڇپر منجهہ ڇلن،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

ڪنگو ڦٿا ڪنڌئين، مٿي لال لبن،
چانو ۽ چاڙون تن جون ڪلهيءَ ڪين وٺن،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

ڪونجن جو ڪرڪو پڌي، سڪ واريون سڌ ڪن،
ساري سدا ڪانڌڙا، وانديون ويڻ ڪين،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

آءُ اڳاهون ويندڙي، پاهون پير پون،
پڳ پڳ پيڙائون سوين، ور ور ونگ وجهن،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

پٺون پير ماروڪڙا، پسي روهہ روئن،
سهہ مٿي سر مادرا، ڏک دلاسا ڏين،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

سانڊيل سور نويڪلا، نوان تي نسرن،
ڏسي منهنجا ڏوجهرا، دانهن ڪٿي دردن،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

ناهہ ڏوراپو ڏاڍ تي، پيا ٿا ليک پڙن،
'بردا' ڏوهہ نہ ڏيهہ جو، پوري ڪئي پنهنجن،
پلو سائين، بوندون بس نہ ڪن.

[سنڌالاجي طرفان تازو بردي سنڌي جي ڇپيل مجموعہ ڪلام ”بوندون بس نہ ڪن“ تان کنيل.]

# شاعري

سنڌ تي، سنڌل وچئا، ڪارَ ڪنئي ڪڪرن،
ڪنوڻن وڏا کيوڙَ ڪيا، ٿيون چوڏاري چمڪن،
اوهيرا آبَ جا، آٿران ٿيو اچن،
سائينم، تون ساڻو ڪرين، ڳهوڙا گاهه چرن،
چٽرن سرڙَ چيلر پر، سينهون سيهارن،
سچي ستارهون ٿيون، ڳوهون ڳنوارن،
ٻهرايون هونئن ٿي، آليون اوڻارن،
ڇيهو ڇٽري چاڪون ٿيون، رڍون ريڍارن،
ڄالڪون ڪري ڄيڙيون، ٻهون ٻهنوارن،
ٻڌرو ٻاٺي ٻلڻيو، ٻوڪون سب ٻچن،
وسي ڪل ولات تي، سوڪون ڪيون مينهن،
خوشيون سيت خير ٿيو، آسا عالم عيدون ڪن،
آڪا 'اشرف' سيڙيئين، مولا محبوبن،
آڳڻ ٻرين آچن، تہ ڏسي لاهيون ڏکڙا!

---

جيئن تو وريا واء، تيئن واحدَ ميڻهن وسائين،
سارلڪ! ساري 'سنڌ' تي، چوري رکج چاء،
وسن ڪل ولائتون، ڪيو خير خداء،
مولا! ڳالهي سڪڻ جو، ٻسي لاڻج ٻاء،
سڪوني سڪي ٿئي، سيت هوء سواء،
ڏبرن جو، ڏيهه ڏٺي، ٻاري، ڪج اچاء،
ڪريمَ تون ڪرم ڪر، تہ ڏور ٿين ڏولاء،
راحم رب رحيم ڏني! ڏي سيو سُڌ سماء،
محبن سين ميڙاء، ڪر الاهي، 'اشرف' چئي!

— پير اشرف شاهہ (ڪامارو شريف)

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

## ڪافي

ڏي ساقي آب حيات اچي،
بدلاءِ سندم حالات اچي.

ڏي جام ڀري ڪي اي جاني، ڪڻ نوري نگاهه ڪا نوراني،
اڄ آهي ذهني پريشاني، ڪا ان ڪان ڏيار نجات اچي.

توسان جاني جيارا گڏ جيندس، تنهنجي هٿ جا پيالا ڀر پيندس،
توبه ٿو ڪريان توبه نه ڪندس، ڪر جيرا وري جذبات اچي.

هن دور جا الڳ عجيب ڏٺم، هر شخص جا ڍنگ عجيب ڏٺم،
قلبن جا رنگ عجيب ڏٺم، ڪيد فهم منجهان فڪرات اچي.

مي ناب منجهان ڪو ڏينس ذرو، هو ڪوٺو يقيناً ٿيندو ڪرو،
واعظ کي ڀلي ٿئي ڀوءِ ڀرو، ڪر دور سندس شبهات اچي.

نه ڪا شاهي کپي نه ڪو شاهه کپي، نه ڪا ڪلنگي کپي نه ڪلاهه کپي،
تنهنجي ميخاني ۾ پناهه کپي، ڀيا ملڪ ۾ لات، منات اچي.

ميخاني جي هولدي اڪيلائي، آهي ڏاڍو ڪيو تنهن سودائي،
ڪري عرض ٿو طالب مولائي، ڪر پوريون هڙئي حاجات اچي.

# مُوئيرو

مُوئيرو ڙي مُوئيرو... هتي مَتي مُوئيرو،
ٻَتي ٻَتي مُوئيرو!

مُوئيرو ٽـو ٽَـڏي ٽـڏي — ٻنا ڪيلي جي ٻيٺو ڪُڏي

مُوئيرو ڙي مُوئيرو... هتي مَتي مُوئيرو،
ٻتي ٻَتي مُوئيرو!

ڪـيـر نہ ڏائـي مـوئـرو — ڪـاهہ نہ ڪـائـي مـوڙرو

مُوئيرو ڙي مُوئيرو... هتي مَتي مُوئيرو،
ٻتي ٻَتي مُوئيرو!

لـڳـندي لاهـي ڪـيـر ٻتلـي — مـري جـيـئـاري ويـر ٻتلـي

مُوئيرو ڙي مُوئيرو... هتي مَتي مُوئيرو،
ٻتي ٻَتي مُوئيرو!

مـاڻـهـو جيئري ڪر نہ اچي — جـيـچ ڀـرائـي احـمـق نـچـي

مُوئيرو ڙي مُوئيرو... هتي مَتي مُوئيرو،
ٻَتي ٻَتي مُوئيرو!

---

مينهن توڙي ڏڪيءَ جو ڦر مري پولڊو آهي تہ ان جي ڳل لاهي منجهس ٻُهہ يا ٽلال جو ڪُنو ڀري سبي ڏاهي ڦر جي شڪل ۾ آڻي آن کي مينهن ۽ ڏڪيءَ جي آوهہ سان لائيندا آهن تہ اها سولائيءَ سان کير لاهيندي آهي.

**تنوير عباسي**

## اونهاري جا هائيڪو

لتاڙيندي ڪپ
آئي جو مارڪيٽ مان
ڪيڪيءَ هاٿي ڏپ

قلفيءَ وارو ليٽ
کهلي ڳاڙهو ٻي ٻجي
ٻيلو وچي وڻ هيٺ

ڪرمي کهت مکيون
آرايون ڪنهندي چيئين
ڪجيون جاڻ ٻڪيون

ساوڻ ـ رات لنيدي
تون جي ياد اچي وئين
ڪيڏي ٻني اڀکهي

جون ۾ ٻجرن السگ
سنڌڙي الب ۽ ڪارڪون
هيءَ سولهري رنگ

ڪوئل جي ڪُو ڪُو
۽ هن لتهڻ آس ۾
گدري جي خوشبو.

پر ٻن جو ٻاڙو
کهتي کهتي جڻ ڪاڪ آ
ڳالهائڻ ٻاڙو.

**امداد حسيني**

## ٻنهنجي ٻريت ڪهاڻي

تنهنجي منهنجي
منهنجي تنهنجي
ٻنهنجي ٻريت ڪهاڻي
نئين لکور ۽ ايڏي آهي
جيڏي آهه ٻُراڻي
تون ۽ آءٌ آهيئي ساڳيا، ساڳيو سمنڊ ڪنارو
اڄ ٻہ آهو ئي ليلي لب تي، چمڪي شام جو تارو
سڪ ولدن لئي ساڳي آهي
اڄ ۽ ڪالهہ، سياڻي... تنهنجي منهنجي...
جوُني جڳ ۾ سچي سڪ جي، ريت تہ رهڻي آهي
ٻاڻ هجون نہ هجون دنيا ۾، ٻريت تہ رهڻي آهي
دنيا رهي يا نہ رهي
ٻريت جي ناهہ ٻُڄاڻي... تنهنجي منهنجي...

## مخدوم محمد امين فهيم

•

تعلق آهي اهڙو ئي نظر جو ناز وارن سان،
ٿئي ٿو ربط جهڙيءَ طرح لهرن جو ڪنارن سان.

ڪڏهن هيئن ڪوله ٿيو آهي جو گل دامن ۾ اٽڪي پئي،
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي به خارن سان.

شبِ فرقت ۾ هي رُئندا رهيا، هُو تڙپندا رهيا،
ڪئي رشڪِ قمر ڪهڙي نه تارن ۽ ستارن سان.

نه گل ۾ بُو نه رنگيني، جي هُو ناهي ته ڪجهه ناهي،
طبيعت ڪئن لڳي آخر بهارن سان، نظارن سان.

عجب جهڙو ٿئي ٿو رشتہءِ تقدير دنيا ۾،
تعلق ٿئي خزان سان ٿو، محبت ٿئي بهارن سان.

گذاري رات ساري عاشقن بيڪاليءَ ۾ ئي،
نه ساقي آيو محفل ۾، نه ايريو چنڊ تارن سان.

گلِ خوشرنگ آخر پنهنجي فطرت تي ئي خوش ٿيندو،
اهو سوچي مان پنهنجو گهر سجايان ويٺو خارن سان.

ڪنڊن جي قرب تان صدقي، خزان ۾ پڻ جهليئون دامن،
اهي ئي وقتِ مشڪل ٿا نباهن درد وارن سان.

”فهيم“ آهي محبت جو اثر ميدانِ الفت ۾،
زمين جي خاڪ هوندي، گُل رهون ٿا ماهارن سان.

محسن ڪڪڙائي

## وائي

آيل ڪرڀان ڪيئن،
ويٺي ورهيه لنگهي ويا.
مون سان 'جيڏو' ويو ڪري، جاڙ ٻه جاڙن جيئن،
ويٺي ورهيه لنگهي ويا.
سوچيان، لوچيان، من ملي، جالي هونءَ لـ هيئن،
ويٺي ورهيه لنگهي ويا.
جان جان ڳوليان ڳوٺ ۾، تات تڪي ٿئي تيئن،
ويٺي ورهيه لنگهي ويا.
اچي، ٻوه جيئن جيئن ڇوي، آءٌ ڪرڀان ايئن،
ويٺي ورهيه لنگهي ويا.

آثم ناٿن شاهي

●

جهڙي سونهن سچي، تهڙي سون ٻه رچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.
پير وڌائي پيار سان، ڌلي ڌات اچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.
ٻانڌي لورا لينهن جا، جهمر لاچ اچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.
هلڪي هلڪي لهر مان، ٿي وئي موج-مچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.
ڪنول ڪلا ڳي ڌاڙا، ڪير ۾ ٻاڻ ٻچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.
آئي آخر سون ڳري، ٻکڙن کان بچي، رچنا ـ
آڌيءَ رات جو.

## شعبان "بخت"

### سچ جو سوداگر

سچل سچو، سچ جو سوداگر، قرب ۾ ڪانءُ نہ ٻانَي وو،
ڪوبہ نہ آهي داغ دُنيءَ جو، ور ور ٻيو ورجائي وو!

ڪوئي ڏکائي درد جي ڏولهي، ڪوئي رکو ٻيو رک سوري،
ڪوئي سکئا سور ٻيو ساري، هيءَ ٻيو سچ مچائي وو؟

جاڻ ڪري انجاڻ گهڻي ڪو، اڻ جاڻن جي جاڻ ڪري،
هر هيءَ ٻارو، الله وارو، سڀ کي ٻيو سمجهائي وو!

ريا رعايت، روا رکڻ ڪي، دُنيءَ جو دولاب ڏسي،
حق حق اناالحق جو امرو واجٿ ڪيو وڄائي وو!

عقل ٻرستي موج نہ مستي، عشق ٻرستي عين سرور،
مست الست ٻيو سرمستي سان ماڳ سڄو مهڪائي وو!

ياڳ ۽ بخت الهن جو جهڪي، ڪن ڏيٺي ٻيا ڪيف لهن،
ديس درازا ۾ ٻيو دلبر، راز جو در کڙڪائي وو!

## تاج جويو

### هائيڪا

چنڊ نہ ڪو تارو،
ساروڻين جون روشنيون،
سون لٺ سهارو.

تو کي ڪهڙو ڪهاءُ؟
آڌيءَ رات اُداس تون،
چنڊ، ڪويءَ جا ياءُ!

شاعرَ ليڪ پينسل،
ڍليءِ جي ڪدلي جترَ ۾،
آجرا نيل ـ ڪنولَ!

جهرڙا چُنيءَ چٽ،
تهڙا تارا آڀ جا،
تهڙي شاعرَ سيٽَ!

ڍليءَ سَرلهن جي چالوَ،
سُرهيون سارون ذهن ۾،
چپي ڪاڏي هالوَ!

واهُ ولدا وريا،
ٻُوريا ڪهڙ ڏيهہ ۾!
چاهتہ ٿيا چريا.

ڪرڙن منجهہ ٻُسي،
واهُولدن ۾ وَرُ ٻرين!
توريءَ راتِ ٻُسي!

## اياز گل

### غزل

دردُ پاڪُرَ-پري ۽ مُرڪيو مون،
ٺهڪَ ڏني سڪ مگر نہ ڀاتو تون.

هر دفعي هڪ نئون تجربو هو،
ڪاوڙيا سون جڏهن ۽ پڇتاسون،

مُنهنجي چاهتَ جي ثابتي آهن،
دائري، فون، خطَ ۽ تارون.

زندگي دوستَ! آهي واچوڙو،
پاڻ جڻ ڪک پنَ جيان آهيون.

تُنهنجو هر ڏينهن آ ڏياري جيان،
۽ انڌيرا اسان جون ميرائون،

ڪُوڙ ڪيڏا وڏا ٿي ڳالهايئين،
زور سچَ تي هيس نيڏي لاڪون.

## ادل سومرو

### ٽڪل زندگي

ڏينهن ڀريون مهيني جو ۽ سالن جو هجوم
بينڪ ۾ پيهڻ جي لئي جاءِ ملي-
ڏڪندڙ هٿن ۾ ڪاغر جهليو
لٺ جي سهاري
پينشن ونندڙن جي قطار ۾
سڀ کان آخر ۾ بيٺو آهي هڪ پوڙهو
جنهن جي چهري جون ريکائون
جڻ تہ آهن ٽڪل زندگيءَ جون ويران والون.
سندس ڪمزور ۽ ڪچو ڪهر
ٿورڙي برسات تي جنهن جي ڇت
ڪنهن بيوهہ جي اکين جان
ٽمڻ لڳندي آهي-
هڪ پوڙهي زال
چار لياٽيون ساميل-

مهيني جا سمورا ڏينهن
تن وٽ
ڏک ٿو مهمان ٿئي-
زندگي
هيڪلائپ جو آداس پيٽ
ڏَيُ نہ آئت
نہ ئي ڪو پول همدرديءَ جا
ماٺ ئي ماٺ
موت جهڙي ماٺ.
ڏکيو سفر، ٽڪل سربر
بيوسيءَ جو بارُ-
زندگي
جڻ تہ آهي موت جو ئي انتظار-

## پشپا ولڀ

ڇتري رستي تي
ڏامر ڇهرا
رنگين ڪنڀين ۾
ڍڪيل ڇهرا
رنگين ڪنڀين ۾
اڌ اگهاڙا ٻار
رنگين ڪنڀين مان ليئو پائيندڙ
ٻُني لڳل پيٽ
رنگين ڪنڀين مان سوال پُڇندڙ
قسمت ڪاريون اکيون
رنگين ڪنڀين ۾
اڪيلي وڏل لڪ
مٿي تي ڇتريءَ جي تغاري
۽ عاج چوڙن ٻالهن جو سهارو
آهائي
رنگين ڪنڀي ۾ وهڙهيل
چُلهه جي ديوار تي لڳل
ڪاراڻ آهي.

## سوز هالائي

### گيت

چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو،
ياد جا گل گلاب ڪٺي وڃ،
پرينءَ کي ٻهچائي ڏج،
چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو.

اجرا اجرا ۽ تو جهڙا،
سارا منهنجا خواب ڪٺي وڃ،
ساهن منجهه سمائي ڏج،
چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو.

خط هوائن ڪونهه ٻچاٻا،
هائي هٿ جواب ڪٺي وڃ،
لوڪ سڄي ڪان لڪائي ڏج،
چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو.

منهنجي هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏ،
ليٽن منجهه حجاب ڪٺي وڃ،
وچ مڪر شرمائي ڏج،
چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو.

لينهن سنيهن جا "سوز" سنيها،
بي حد بي حساب ڪٺي وڃ،
جهوليءَ کي ڦهلائي ڏج،
چنڊ پرينءَ جي ٻار وڃين ٿو.

## مخدوم جميل الزمان

•

دل تہ اڪثر ھئي جناب تئي،
اڄ بہ ڪو ظلم بي حساب تئي.

ڳالھ ڪر يا تون ڀلي ليڪن، ڪيئن بہ ھي پردهٔ حجاب تئي.
طورسينا جي ٻار جيڏو، دوست، روز تو دل تي اضطراب تئي.
منھنجو دم ھڻ تنڻ تي ھچي ويو، تنھن جي رخ تان لٿو نقاب تئي.
ٻاھ سيني سندي اجھائڻ لئہ، آسمان تان ٿي جوڻي، آب تئي.
اڪ تہ ٻنجي وٺي جميل الزمان! ھاڻ من آرزو، خواب تئي.

## زاھد دارا

### بيٺل پاڻي

پريشر ڪڪر جھڙا گھر اسانجا
جن ۾ ڪڙھي ڪڙھي
ھاڻ تہ ذھن جو تندون بہ ڳري ويون آھن
ريل جي ٽيئن جھڙا، پيلا بيمار مستقبل
۽ من ۾ سانديل پنھنجي ماضيءَ جا (الف)
فوٽوگرافز سانڍي
ھر شخص ڏپ ڪري ويو آھي (سينواريل پاڻيءَ جيان)
ھاڻ تہ اسانجا لاش بہ
رڙھي تي وڪامجندڙ بنا برانڊ جي ٻسڪوٽن والگر
ترري رھيا آھن.
پر، ڪوئي بہ ناھي، جيڪو ھيءَ تاريخ لکي
جيڪي لکن پيا
انھن جا پنھي ھٿ ڀڏل آھن
ھُو پير جي آڱر ۽ آڱوٺي جي وچ ۾
مھانگا قلم ڦاسائي
(سائي) مس سان جيڪو بہ لکن پيا
سو پڙھجڻ ۾ اچي ٿي ٿو...
پر اسانجي تاريخ آھي
بندي خانن جي فرش تي
پيرن جا رلد اسانجي تاريخ آھن
۽ بند پھڻ ليٽن جا سمورا
جيترا سپنا، اسانجا آھن.

"اميد" خيرپوري

## غزل

ڪنهن ڏي ڪٿي نگاهه لهاري لٿو سگهان،
پنهنجو ڪريل نصيب سنواري نٿو سگهان.

ساريان ٿو، جنهن ڪي تنهن ڪي وساري نٿو سگهان، بازن بغير بحر آڪاري لٿو سگهان.
ڪنهن بي طرح سان دل ڪي ڏتاري لٿو سگهان، جهرڪي عقاب آڏو اڏاري لٿو سگهان.
وَس جي نه آهه ڳالهه پلي ڪو ميار ڏئي، پاڻي سان ڪنهن چراغ ڪي ٻاري لٿو سگهان.
ڪيڏيون نه ڪوششون ٿو ڪيان ڪائنات ۾، مغرب ڪان آفتاب اڀاري لٿو سگهان.
هٿ وات جي وڳوڙ وڪوڙيو آ وار وار، سُرڪي گهڙيون نه چار گذاري لٿو سگهان.

ڏاڍ ر ڪي موت ڏئي ٿو سگهان ڏيهه ۾ "اميد"،
ڪوئي سري هوي ته جياري لٿو سگهان!

نظام "زائر"

●

درد دل جو وڌي ويو آهي،
ياد ڪوئي اچي ويو آهي.

انتظاري ۽ بيقراريءَ ۾، چنڊ اڀري لهي ويو آهي.
ڪير چاهي ٿو ڪيترو مون ڪي، ان جو احساس ٿي ويو آهي.
يادگيريون اچي ويون آهن، ٻالد دل جو هُسي ويو آهي.
قرب هوندي به ايترو آخر، فاصلو چو وڌي ويو آهي.

پيار تنهنجي ۾ تنهنجو هي "زائر"،
موت ڪان اڳ مري ويو آهي.

واجد

## غزل

زندگيءَ جي حاصُلاتا، غم، الم ۽ ويا ڪُلتا.
وڇڙو ٿي محسوس ٿيو، بَڪ آهن سڀئي رشتا.
ڪنڊن مٿي ويهي، چڙهه، ڪيئن کهُري ڪو گلدستا.
حق جي راهه هليو جو هُو، تنگ ٿيس هتڙني رستا.
ڪيئن نہ اُن جي ڳالهه ڪريان، جنهن سان مَن هو وابستا.
همدم ۽ همرازن ساڻ، راز ڪجهن سڀ سربستا.
واجد واتَ هليو تَن جي، جُهد جتنين جا بُرجستا.

سميع لُنب

●

سپنن ڪي ڪو سچ اڪائي، لنب لياڪيءَ سان جاڳائي.
ساڀيا بڻجي اڄڻي آ هوءَ، سرتين سٿ ۾ مينڌي لائي.
تنهاين ۾ روئندو آهيان، ڪوهہ نہ مون ڪي جيئن پرچائي.
رنگ رهائي پنهنجي هٿن ۾، چو پوپٽ ڪي تو ڇڏيو آڏائي.
روز اچي هوءَ من آڳنڌ ۾، ٿي پنهنجا هٿ ڪنگڻ ڇمڪائي.

اسير ملاح

●

سهسين سور ڏنا ٿئي چا لئہ، جيون ڪئي جفا ٿئي چا لئہ.
يارن ڏاران رم جهم ڪڙي، آڪر رنگ رتا ٿئي چا لئہ.
سپنا ساڀيا ٿيڻا ناهن، دلڙي خواب لڌا ٿئي چا لئہ.
ڪجهه ڪهڙين جو دوکو دارو، ايڏو هوش خطا ٿئي چا لئہ.
آڪيرا وس آد يسين جي، سمجهيا سڀ سڳا ٿئي چا لئہ.
پيچل هاڻ لهہ ناري سُرلدو، سر جي سين صدا ٿئي چا لئہ.
غم اسير ڪهٿائي پنهنجا، جڳ جا درد وتا ٿئي چا لئہ.

## ذڪيه ميمڻ

دل ڌيءَ درياهه
ڏسي نه ڪو
اندر جو آڙاهه
—
اڃان اٿم آس
تون ايندين
وڻ وڻ تنهنجو واس
—
موتين جهان ميڙيان
جهول پنهنجيءَ ۾
تنهنجو درد سهيڙيان

گلن جي سرهاڻ
اوتي اندر ماڪ
روڙان تنهنجي ڪاڻ
—
سڪڻي منهنجي جهول
ڳاهه مون لئه
پيار پريا ٻول
—
لهندڙ سج جي لاٽ تو
ڳوليان ڏي تنهنجي
پيار جي چالو

## تسليم سنگي

●

نديءَ جا ٻه ڪنارا
تون ۽ مان
سالتيڪي ڌارا
—
تو ۾ منهنجو ساهه
جڻ سندوءَ ڏانهن آيل
ڪوئي ڏدو واهُ

●

تنهنجين اکڙين ۾ ڪجل
لئين ڪويءَ جو
لئون ڪو غزل
—
شاهه جي هر هڪ وائي
منهنجن لڙڪن ۾
اوتجي آئي.

## نذير ناز

زندگيءَ
هيءَ ڇا هي؟
زندگي
پل صراط جو
هڪ سفر
ڏاڍو ڏکيو-ڏاڍو ڏکيو
ڪوڙ رستو ڪٽي
دم لبن تي آهي
۽
پير رتوڇاڻ
هر

پنڌ، وڏندو ڏو وڃي
هن جهان ۾
دل لڳي ٿي ڪانه ڏي
جو
هن سفر جو
ڪوڙ ڏو
پنڌ ڏي ڪٽي
۽ نظر
منزل اچي ٿي
ڪا نه ٿي.

## محمد علي پناهڻ

### آزاد نظم

دل تہ چاهيو هو ڪٿي،
راهہ تنهنجيءَ ڪان الڳ،
راهہ پنهنجي ٺاهبي–
۽ ڪبو پنهنجو سفر،
تنهنجي ساٿ ڪالسواءِ،
تنهنجي ياد ڪانسواءِ،
هيڪلو ئي هيڪلو،
ويران رڻ پٽ ۾ شروع–
پر اهو پڻ ڪين ٿيو...
تنهنجي هرڪا ياد ڄڻ،
زنجير جان جڙجي وئي
آهي منهنجي سوچ سان–
ڪيئن مان آزاد ٿيان،
تنهنجي هر ڪنهن ياد ڪان–

ڪيئن تو ڪان ٿي الڳ،
پو ڪيان پوٺا اوان–
۽ ٺئين سُرهاڻ سان
واسيان دل جو شهر...
تون جا هولئن دور ٿي،
دل ۾ لڳين ٿي ويجهڙو،
اصل ۾ ائين نہ آ–
تون تہ آهين دور پر،
پاڇا بہ تنهنجا هين پري–
هن تاڪ منجهند جي سمي
وڻ نہ ڪا وڙاهہ آ–
پوءِ بہ رڙ اڪري لٿي،
توڙي چوڏر پاهہ آ...!

## افضل قادري

### وائي

ڇا ا، ڪيو مون تنهنجي خاطر
تنهنجي ريت اها ئي سائين
ليشين لنب نہ آئي سائين.

پيار ڪيم، پر پيار ڏنو ڇا
ذلت ۽ رسوائي سائين
ليشين لنب نہ آئي سائين.

سڄي عمر تو سور ڏنا
دل جو آن ڪاسائي سائين
ليشين لنب نہ آئي سائين.

واڳون والکر وات پٽي
ڏينهن ڪي رات وئي ڪاٿي سائين
ليشين لنب نہ آئي سائين.

نياز پنهور

## غزل

تون گيتن جي عنوان جيان،
مان خالي آهيان دانُ جيان.

ڀيار تنهنجي ۾ ڦيريون ڪيريون، چا لئي سياستدان جيان.
اڪيون تنهنجون ڳالهائن ٿيون، ڪرفيوءَ جي اعلان جيان.
ڪهڪهه اولداهي ڪمرو منهنجو، ياد ون روشندان جيان.
ڪير تون ڪڙڪاءِ دل منهنجي، آءٌ هتلي طوفان جيان.
مون ڪي هٿو وساري ويئو، تنهنجي ڪنهن احسان جيان.
نياز تہ وڳريو پيو آهي، شاعر جي ديوان جيان.

متل جوکي

## وائي

رالول، تنهنجي رَتَ جيي، راهن ۾ راڳاڻ،
ڳليون خون ڪٽوريون.

هلهل هَلَ هڪڪاءُ ٿيو، سوچن جي سُرهاڻ،
ڳليون خون ڪٽوريون.

ٻترَ ڏرَ پڙڪيا راهہ جا، ڳوٺن ۾ ڳاڙهاڻ،
ڳليون خون ڪٽوريون.

منزل ڏي تون مينڌرال تڪڙو تڪڙو تاڻ،
ڳليون خون ڪٽوريون.

ڪيرو اوچي ڳاٽَ سان، عزّت جو اهڃاڻ،
ڳليون خون ڪٽوريون.

"ضمير" ڦُل

## وائي

سج لٿي لاڪون،
تنهنجون ٿي يادون،
لنبُ رسي وئي آ.

ڪهڙو حال ڪيان، اندر آ ڦاڪون،
لنبُ رسي وئي آ.

جيسين وڃ وڃوڙو، تيسين رڙلڏاسون،
لنبُ رسي وئي آ.

ڪاري سج سنڌيون، ڀُونءِ مٿان ڀاڪون،
لنبُ رسي وئي آ.

ڀاڻ ٿي وڍ اچي، سُورن جون شاخون،
لنبُ رسي وئي آ.

جهڙو جالب تون، اهڙيون سون آسون،
لنبُ رسي وئي آ.

احمد حسين ٽالپر

●

دنيا جا نه ڪُر، داوَ جاڻي سگهياسين،
پراوا نه پنهنجا سڃاڻي سگهياسين.

هتي روپ بهروپ سنجن هزارين، اسان روپ ڪوئي نه آڻي سگهياسين.
ڪُٺاسون ڪنڌيءَ ڪاڪ لکوار ليڪن، نه مقصد جي موڪل ڪي ماڻي سگهياسين.
نه ڀاڻ ٿي ڀڳاسون نه منزل تي يارو، ڪڏهن راهرو ڪو رسائي سگهياسين.
مُڪو ڪڏهن ڪڏهن نه ڪڏهن ڏي اسان ٿي، ڪو احوال دل جو اماڻي سگهياسين.
آيامن ڪان قسمت جي ڪشتي ڪُنن ۾، ڪنڌيءَ سا نه "احمد" آڪاڻي سگهياسين.

## نقاد حيدري

### وائي

اج تہ وسي پئي ٻولد برھ جي ٿي وڻي باغ بهاري آ،
جھڙ ڦڙ مينگھ ملھاري آ.
پيارونددن ٻن پاڻ ۾ ويھي پيار جي ڳالھ پچاري آ.
چارئي پاسا ڪوڙون ڪجن ٽيون ڪنوڻن ۾ چمڪاري آ.
وڻ ٽڻ ٻوٽا ٻهڪن ٽهڪن، مهڪي ٺاري ٺاري آ.
ڪاڇي وارا خوب ڪلن ٿا، ساوڻ جُوء آجاري آ.
دُوري تنهنجي، دلڙي منهنجي، ڏاڍي اڄ آزاري آ.
نقاد ستائي مند مينهوڳي، تو بن ٿي بيزاري آ.

## لائق ٽيپو

●

جيت جا هار جا، کھڙا ليکا ڪيا،
تو ڪٽيو، مون ڪٽيو، جيت جا هار جا.
دور چوٽي رهين، آءٌ ويجھو تہ آ،
پيار آهي آجھل، پيار ناهي خطا.
تون جو آهين پري، لنبڊ ليٽن ڪٽي،
رات رڻ جو سفر، ڏينهن چڻ آ سزا.
ميت تنهنجي ڪري، ڪيت مون جي چيا،
تون بہ سمجهين لٿي، ڪير سمجهي پلا.
ٺيڻ تنهنجا لڙشو، وار تنهنجا گھٽا،
رُڄ منهنجون اکيون، روح منهنجو ڳٽا.

## ناڪ

### ٽرائيل

پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ لڪايئي،
وات بہ ونجارا وٺين پُلجي،
پنهنجي دل ڪي روڪ لڳايئي،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ لڪايئي.
چو لہ اندر جو حال سڻايئي،
راھ ۾ راهي ويندين رُلجي،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ لڪايئي،
وات بہ ولجارا وٺين پلجي.

## بخشڻ مهراڻوي

### سڏ

آپ اسٽيج تي،
ستارن جو ساز ڇڙيل آهي،
چنڊ پنهنجي جوڀن جو راڳ پيو آلاپي،
۽ چالبوڪي جي سُرن
رات جي روح کي به
جهرڪائي ڇڏيو آ.

## عزيز گوپانگ

وصل جي ٻهاڙڪن ڏينهن ۾
مئيون موڪلڻ سنيهن ۾
در ڏيڏيءَ ٻوبان لکي
مون کي اهڙو ڏسي
ٻولدي هئي تڙي، هڪ ڇوڪري، ها جڻ
هڪ مکڙي
۽ اچانڪ
در ڏيڏيءَ ٻوبان
هتي چڪي
خط جڻ سڀ
لکي چڪي
مکڙي گل تي چڪي
مون کان اوجهل ٿي چڪي
وصل جي ٻهاڙڪن ڏينهن ۾.

## زلفي

املتاس جا گل
ڪويل جي ڪوڪ
۽ اداس چالبوڪيون
منهنجا
ورهين جا ساٿي آهن
اداس چالبوڪين ۾
جڏهن تون ياد
ايندي آهين
تڏهن املتاس جي گلن
جي خوشبوءِ
۽
ڪويل جي ڪوڪ
من جا ڦٽ کولي ڇڏيندي
آهي
تڏهن منهنجي پاڳ جي اولداهين ۾
لڙڪن جا ڏيئا
روشن ٿي ٻولدا آهن
اداس چالبوڪين ۾
جڏهن
تون ياد
ايندي آهين.

## قاضي منظر حيات

●

جيون ڪاڳر ڪوري والڪي،
آءٌ ته آهيان ٽيڪي والڪي.

جذبن جي ڀالوٽ ٿئي ٿي، هرهڪ شعر ۾ اڏامي والڪي.
تنهائي ۾ ياد اچي ٿو، تنهنجو چهرو سوني والڪي.
سچ کي ڪوڙ سمجهيو آهي، لوهه تتل جڻ ٽالدي والڪي.
تو لئه چاهه سدائين مون کي، پاڻيءَ جي لئه پياسي والڪي.
ڪوله ڪڏهين ڪڙ تيل ٿو لڳي، بي جا بحث اجوڪي والڪي.
پيار جي ڳالهه هلي ويندي آ، چوڌر ۾ ڌماڪي والڪي.

ڏک جو منظر مک تي ظاهر،
اکڙين ۾ اوجاڳي والڪي.

## پريتم پياسي

●

جنهن ڏينهن تو اسان جي دل ڪٽي آهي،
تون ئي تون صبح شام بندگي آهي.

ويڻا سهون سڄڻ ستم اوهان جا جسو، بس! اي پرين اسان جي بيوسي آهي.
مون کان منا لڪير کلي اجازت تون، محڪوم جي به ڪا ڪڏهن هلي آهي.
هو هاڻ مون کي خواب ۾ لڳو ڏسجي، ڪيڏي نه هي عجيب بي رخي آهي.
منزل ڏسي رڪي نه ويهه جانِ من، سچ جي اڃان لڪور روشني آهي.
غمگين حال تون ڏسي نه روهه دلبر، محشر جيان اسان جي هرگهڙي آهي.
پوڇا ڪندي ٻه اڄ لڳو پرين پرچي، پٿر سان جڻ اسان جي دل لڳي آهي.

درشن جي لئي سڪي سدا "پريتم" پيو،
ڪيڏي نه بدنصيب زندگي آهي.

## ”اصغر“ ڏاهپر

### غزل

حياتي جستجو آهي،
سراپا آرزو آهي.

جوان جذبن جي جرئت سان، جهان ۾ رنگ و بُو آهي.
زمانو شاهدي ڏيندو، هو ڏاڍو خوبرو آهي.
تہ سؤلي جالبازي آ، پرين جي پارکو آهي.
چوان ڇا حالِ دل هن کي، سندس ئي روبرو آهي.
سيارون کين ڏئي سگهيون، هو بلڪل تندخو آهي.
اڪيلن سان حالِ دل چئبو، ضروري گفتگو آهي.
جا خواهش کين ٿي پوري، سا چئبي آرزو آهي.
سندم همت کي شاباس آ، اها ئي هوبهو آهي.
فقط ”اصغر“ ئي ڄاڻي ٿو، تہ ڇو هي آبرو آهي.

## شفيع چانڊيو

●

سپنا سات لئہ ڏيندا آهن،
لنب ٿتائي وهندا آهن.

اوسيئڙن ۾ ليئن اسان جا، ڪنهن جي وات تڪيندا آهن.
تنهاين جي ريگستانن ۾، دوست بہ وسري ويندا آهن.
يار ڪاڻ خالي جيڪي، شهر ۾ ڪنڊر ٿيندا آهن.
يار ڏني پوءِ پور اوهان جا، ڏينهن جيئن ڏکيندا آهن.
جيئڻ جڳ ۾ تن کي سولهي، ٻني جي لئہ جي جيئندا آهن.
منهنجا ڪل بہ تنهنجي هٿ ۾، ڪنڊا ڇا لئہ ٿيندا آهن.
مرڪي ملڻ سان من جا سائين، زخم بہ پرجي ويندا آهن.

اسحاق "راهي"

## قسمت کي چوان!!

عشق و الفت جا تُنا وهنوار، قسمت کي چوان!
بند ٿيا هر طرف کان ديدار، قسمت کي چوان!

راحتن جا ڏينهن گذري ويا، مگر اڄ دوستو!
لالک ٿي آيا ڏکن سينگار، قسمت کي چوان!

شل نه کو محتاج الفت ۾ ٿئي ياڪن سندو،
قسمتن تي تا ٿين ديدار، قسمت کي چوان!

منهنجي دل جي باغ ۾ آيون خزائون بار بار،
دل جو گلشن ويو سڙي اي يار، قسمت کي چوان!

مدعا من جي وچوڙي جو نشانو ٿي پئي،
غم نه ڪر تون اي دلِ بيمار، قسمت کي چوان!

هر خوشي دل جي جو غم سان واسطو ٿي آ ويو،
ٿي ويا پنهنجا بہ اڄ بيزار، قسمت کي چوان!

ڪينڪي ساحل لهبين ڪي عنايت ٿي سگهي،
منهنجي قسمت ۾ سدا منجهدار، قسمت کي چوان!

جام سان گڏ جام نظرن جو هلايو ساقي آ،
منهنجي آڏو ٿيا ڪهڙا سرشار، قسمت کي چوان!

منهنجي ڳوڙهن جا پڏا واپاري ڏسجن ڪين ٿا،
ٿا ڪپن هيرا سرِ بازار قسمت کي چوان!

هر خوشي تي التظارن جو آ قبضو ٿي ويو،
دل وٺي دل جا ويا مختار قسمت کي چوان!

هرڪو منزل تي پُڄي ويو منهنجي پهچڻ کان اڳي،
راهہ ۾ "راهي" چڏيو دلدار، قسمت کي چوان!

## اشرف زمان پير چنهامي

●

ساهه جو سامان ٻنجي ويچ،
درد جو درمان ٻنجي ويچ.

راهه تنهنجي تي تڪيان ٿو مان،    منهنجو اچ مهمان ٻنجي ويچ.
هن زماني جو پيرم ڪجهه رک،    وقت جو عنوان ٻنجي ويچ.
عاشق ااڪام لٿ دلبر،    سرتاپا احسان ٻنجي ويچ.
حسن جو رکپال ٿيندو ڪر،    عشق جو اعلان ٻنجي ويچ.
بدگماني ڇا ڪندي آهين،    تون سچو ايقان ٻنجي ويچ.
هونءِ ته ماڻهو ٿولڳين پيو تون،    مهربان انسان ٻنجي ويچ.

وقت چاهي ٿو ته اشرف تون،
تيز تر طوفان ٻنجي ويچ.

## "گل" پرڙو

●

دل ۾ تو رهي ڪيف ۽ جذبات جو عالم،
محبوب ڏلو آهه هي فڪرات جو عالم.

دل مست لڳو مست مٿان عشق جو اوڇڻ،
آن لئه آ سدا دل ۾ هي هيهات جو عالم.
مستور رهي پاڻ ڏسي خوب تو جلوا،
هر عڪس ۾ ظاهر آ الهي ذات جو عالم.
مون تي تو محبت ۾ ڪري روز ڪرم هُو،
مون لاءِ سدا آهه هي برڪات جو عالم.
پر ۾ آ سڄڻ يار ته دم دم ٿي ڪجي عيد،
پر هُن جي جدائي ۾ آ سڪرات جو عالم.
مشهود ٿئي هُو ته وڏي نُور نظر تو،
ان طرح ڏسي ڪونمي ملاقات جو عالم.
هر "گل" آ ڏلو مون کي محبت جو سنيهو،
الجام محبت آ ڪرامات جو عالم.

## فرخ ناهيد ميمڻ

ڪيئون تارا
جڻ
لوڪَ ڌارا.

ڪري وهنوار
ماڻيا مون
درد هزار.

تو ۾ ساهه
هيڪلڙي آءُ
ڪهڙي وٺان راهه

ڻاهن مرڻا
مون راڳيءَ جا
گيت جهرڻا

لاءِن جي چالوَ
گيت لڪان
تنهنجي نالوَ

آپ تي تارا
من اندر کهاون
ڪيا وسڪارا.

## سڪندر سرواڻ

### غزل

دلڙي منهنجي ديواني هردم وفا کي ڳولي،
پڏجي لٽي سکهي جا تي تنهن صدا کي ڳولي.
ناڪام حسرتن جو ويٺو ڪيان تو ماتم،
جيئڙو جلي چڪو آ ڪنهن بي وفا کي ڳولي.
الفت جي ڏوهه جو ڪر ڏوهي ڏسو ٿا مون کي،
لازم ٻلي ڪريو ٻوه يارو سزا کي ڳولي.
پوڇا ڪريان ٿو ان جي جنهن جي آ ياد مون کي،
منهنجي نظر هميشه تنهن دلربا کي ڳولي.
بي موت ٿو مران ٿو جيارڻ ڏيون ڪنهن جون يادون،
شب روز ٻيئي دلڙي ان جي رضا کي ڳولي.
چو ڪين تون مڃين ٿو هر جاءِ آهي حاضر،
تو ۾ ٿي آ سمايل ڏس تون خدا کي ڳولي.
”سرواڻ“ سور سڀ کي آهن گهڻا يا ٿورا،
هر دل ٿي پنهنجي پنهنجي دارون دوا کي ڳولي.

خليل "عارف" سومرو

## غزل

ٻيان ڇا ڪيان مان دل جي لڳي جو،
تہ ڪھڙو وجي ايٽ لڪتو لتيجو.

سنئا يار تنھنجو رکيو لانءِ منڙو، ثمر آھي منھنجي حياتي سڄي جو.
اڪيلو جڏھن ياد تنھنجي رُلايو، لڳو مون تي الزام آوارگي جو.
اباڻي جي منزل تہ اڳتي سُجھي ٿي، اچي شال رھجي ڀرم عاشقي جو.
چڱائي جي بدلي ٻلڻ ٿي بُرائي، مليو خوب مون کي صلو سادگي جو.

ڀري جام تي جام ڏي ساقيا جڻ،
سڙي بزم چرچو رھي مئہ ڪشي جو.

دين محمد "سڄاڳ"

●

تون ڀلي لک وار دل تي وار ڪر،
درد آ درڪار، دل تي وار ڪر.

تو سندا اھڙا ڀرون جھڙي ڀريس، ڪا تکي تلوار، دل تي وار ڪر.
باادب سڪ مان ڪيان ٿو لک سلام، عشق جا اشعار، دل تي وار ڪر.
تير ليشن جا تکا سھٽا ھڻي، خون سان ڪر تار، دل تي وار ڪر.
دل چوي ٿي عشق تان صدقي ٿيان، ٿي وڃان سرشار، دل تي وار ڪر.
اي وڇوڙا درد ڏيئي ڪر شھيد، روڳ سان پل پل، دل تي وار ڪر.
سولھن تنھنجي کي ڏسي مون سمجھيو، چنڊ جي چمڪار، دل تي وار ڪر.

مان رھان ٿو، سڪ تنھنجيءَ ۾ "سڄاڳ"،
تون رھي خوش يار دل تي وار ڪر.

## ستيه پال

### ٽ - سٽا

جسم سارو سالت
سوچون ڪيڏيون آواره
روح ڪيڏو اشانت.

آداس اڪيليون شامون
چشني ڏسائن ۾
خاموشيءَ جون دالهون.

وڪريل وڪريل وار
رمجهم رمجهم موسم
اکڙيون مينگهه ملهار.

رات جو آخري پهر
مون لئه تنهنجي ياد
ويران جهنگ ۾ شهر

## "حليم" هاليپوٽو

### غزل

منهن مبارڪ صحب تنهنجو مه منوّر جي مثال،
رخ اِ ڪنهن جو تنهنجي روشن روءِ انور جي مثال.

پاڪ پيشاني پيارا پيو پسان پرنُور آهه،
نور چمڪي ٿو تنهين ۾ ليڪ اختر جي مثال.

نازنين ڳُڻ ليڻ مون ڏي ماهرو مُرڪي نهار،
مان ٿيس ڪولو گداڪر تون تونگر جي مثال.

نڪ نرالو ناز پرور ليڪ بختيءَ جو نشان،
اوچ پيني جو برابر برج برتر جي مثال.

سُرخ عارض سون ورنا، گلبدن جا گلعذار،
مشعلِ حق سان مشابه صحف اطهر جي مثال.

شهد کان شيرين کهٽو آ، محب جي مٺڙي زبان،
گلبدن جي گفتگو سپ گنج گوهر جي مثال.

حُسن جي تعريف جو حق ڪوله پورو ٿيو 'حليم'،
چو ته کهرجن ڪيئي دفتر، تنهنجي دفتر جي مثال.

# مقالات

"دنيا وارا منهنجي باري ۾ الائي ڪهڙو خيال ٿا رکن، پر آءٌ خود پنهنجو پاڻ کي هڪ اهڙي بي سمجهه ٻار جيان ٿو ڀانيان، جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي پيل سهڻن ڪوڏن، چمڪندڙ سپُن جي ٽُڪرن، ۽ رنگارنگي پٿرين سان راند ڪندي رهيو هجي، ۽ علم جو اٿاهه ساگر سندس سامهون ڇوليون هڻي رهيو هجي."

—سر آئزڪ نيوٽن

مواد موجود ڪيل هو. مسلمان عالمن ني تاريخ نويسيءَ جي فن جي ابتدا ڪئي ۽ ان کي بتدريج عروج تي رسايو. هنن ني تاريخي عبادات مثلاً خبر، سنين، طبقات قائم ڪيا. علم الانساب کي اوج تي پهچايو؛ تاريخي اهميت واري ٻين تاريخي مواد مثلاً حڪايات، مڪتوبات، ملفوظات ۽ تذڪرن کي عام فهم انداز ۾ پيش ڪيو ۽ انهن کي مقبول بنايو.

هنن اهو ڪارنامو به سرانجام ڏنو جو عربيءَ بدران ترڪي ۽ فارسيءَ کي تعليمي ذريعو بنايو ۽ انهن ٻولين ۾ ڪيترائي عربي جا اهم ڪتاب ترجمو ڪيا ۽ پڻ نوان ڪتاب تصنيف ڪيا. انڪري وچ ايشيا ۾ فارسي تاريخي تحريرن ۽ تصنيفن جو هڪ اهم ذريعو بنجي ويئي. مثال طور سنڌ جي فتح (٧١٢ع) تي عربيءَ ۾ موجود مواد کي ”فتح نامہ“ جي صورت ۾ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو، جيڪو هندستان ۾ تاريخ جي موضوع تي مرتب ڪيل پهريون ڪتاب آهي.

## فلسفي، منطق ۽ علم الڪلام

يوناني منطق ۽ فلسفي وارن نظرين ۽ نتيجن تي نظرثاني ڪرڻ کان علاوه مسلمان مفڪرن ”علم الڪلام“ جو بنياد وڌو، جنهن وچ ايشيا جي مفڪرن، خاص طرح رازي پنهنجي ڪتاب ”نهايت العقول“، امام غزالي ”معيار العلم“ ۽ تفتازاني پنهنجي تصنيف ”متن متين في علم المنطق و علم الڪلام“ ۾ وڏو واڌارو ڪيو.

## تعليمي ترقي

ابتدائي تعليمي نظام جي ترقي ۽ هنڌين ماڳين مڪتبن ۽ مدرسن جي قيام، گهر ۾ عورتن جي تعليم، ڪتبخانن ۽ ٻين تعليمي ذريعن خواه سهولتن پوري وچ ايشيا ۾ علم جي نور کي گهرگهر پهچايو. ”اسلامي تعليمي“ نظام هميشه حڪومت جي ضابطي کان ٻاهر ۽ خانگي طور سماج جي هٿ هيٺ رهيو، جنهن ۾ ”استاد“ کي ڪليدي حيثيت حاصل هئي. اڻلوث خادم ۽ لائق تعليمي ترقيءَ جا ذميوار هئا، جن جي نصابي رٿائن ۽ تدريسي طريقن کي هن وقت تائين خاص تاريخي اهميت حاصل آهي. وچ ايشيا ۾ نصابي ڪتابن ۽ انهن جي شرحن جي معيار خواه مقدار ۾ وڏو اضافو ٿيو. مثلاً سمرقند لڳ ”زرنوج“ ڳوٺ جي مدرسي جي استاد برهان الدين زرنوجي تعليم جي مقصد ۽ طريقن تي ”تعليم المتعلم و طريقة التعلم“ نالي ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب ٻارهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري لکيو ويو. ان بعد سورهين صديءَ ۾ سنڌ جي ناميآري عالم مخدوم محمدجعفر بوبڪائي ”نهج التعلم“ جي عنوان سان نظام تعليم بابت ڪتاب لکيو.

## تصوف

وچ ايشيا جي علائقن ۾ تصوف جي چئني سلسلن يعني سهروردي، قادري، چشتي ۽ نقشبندي طريقن کي مقبوليت ملي. سهروردي ۽ قادري سلسلن جا باني سهرورد ۽ جيلان ۾ پيدا ٿيا، جيتوڻيڪ هو بغداد ۾ مدفون آهن. سنڌ ۽ هند ۾ سهروردي سلسلي جو ناميارو بزرگ شيخ بهاءُالدين ذڪريا (وفات ٦٦١ع) ملتاني هو، جنهن کان پوءِ مخدوم نوح رح ۽ ٻيا هر طريقي

جا وڏا بزرگ ٿيا. چشتي طريقي جو باني سيستان جي شهر چشت جو شيخ معين‌الدين هو، جنهن سن ١٢٣٥ع ۾ اجمير ۾ وفات ڪئي. هن طريقي خراسان ۽ هند ۾ بي‌مثال مقبوليت حاصل ڪئي. فريدالدين مسعود گنج شڪر، شيخ نظام‌الدين دهلوي، بدرالدين غزنوي، شيخ علي احمد صابر (ڪلير)، خواجه عمادالدين ۽ خواجه محمد سيد صغر (بلگرام)، شيخ محمود ۽ شيخ حميدالدين (نهروالا/النهلوار پٽن گجرات) هن سلسلي جا ناميارا صوفي بزرگ ٿيا. نقشبندي طريقي جو بنياد به وچ ايشيا ۾ پيو. هن طريقي جو باني خواجه بهاءُالدين نقشبندي هو، جيڪو بخارا جو ويٺل هو. هن طريقي ڪيترين ئي مشهور هستين کي جنم ڏنو. تصوف جي طريقي بابت جيڪي ڪتاب لکيا ويا، تن مان ڪي مکيه ڪتاب وچ ايشيا جي بزرگن لکيا. مثلاً ابوالقاسم قشيري جو ”رسالو“، امام غزالي جو ”احياءُ العلوم“، ابو علي هجويري جو ”ڪشف‌المحجوب“، عبدالرحمان سلمي جو ”طبقات الصوفياء“ ۽ شيخ نظام‌الدين دهلوي جي ملفوظات ”فوائد الفؤاد“ تصوف بابت اهڙا ڪتاب آهن، جيڪي وچ ايشيا جي مختلف ڀاڱن ۾ لکيا ويا.

## علم ڪائنات (ڪاسموگرافي ۽ ڪاسمولاجي)

وچ ايشيا جي اسلامي عالمن علم ڪائنات (ڪاسمولاجي) ۾ نون اصطلاحن ۽ نئين مطالعي جو اضافو ڪيو. ان سلسلي ۾ قزويني جو ڪتاب ”عجائب‌المخلوقات“ ۽ ابن مظهر مقدسي جو ڪتاب ”بدا الخلق“ هن سلسلي جا مثالي ڪتاب آهن.

## زولاجي ۽ باٽني

شرف‌الزمان طاهر مروزي زولاجي ۽ باٽني جي علم ۾ پنهنجي قلمي ڪوشش ۽ تحقيق سان بي‌مثال اضافو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن ”طبع الحيوان“ ڪتاب لکيو. هن کان سواءِ ابوحنيفه دينوريءَ ”ڪتاب النبات“ لکيو.

## فارماڪولاجي، فارميسي ۽ طب

”علم طب“ جي علمي نظرين ۽ اصولن ۾ ابن سينا جو ڪتاب ”القانون“ هڪ سَنَدَ جي حيثيت رکي ٿو. رازي ۽ ابن سينا جهڙن عظيم مفڪرن ۽ استادن ”علم‌الطب“ (Science of Medicine) جي هر پهلو کي اجاگر ڪيو ۽ ان جا نظري خواهه عملي اصول نمايان ڪيا. ان سلسلي ۾ رازي جو ڪتاب ”الحاوي“ ۽ ٻيو ڪتاب ”المنصوري“ وڏي اهميت رکن ٿا. هن طب جو ڪلينيڪل طريقو رائج ڪيو ۽ هن ئي ٻهريائين ارڙي ۽ ماتا جي بيمارن جا ترت علاج ۽ بچاءُ جا طريقا بيان ڪيا. رازي، فارماڪولاجي جي موضوع تي ”ڪتاب الصيدله“ لکيو. بيرونيءَ ساڳي موضوع کي پنهنجي ”ڪتاب الصيدله“ ۾ گهڻو اڳتي وڌايو.

طب جي عملي خواهه نظرياتي پهلوئن تي ابن سينا لکيو، ان جو مثال ڪٿي نٿو ملي. طب جي تاريخ ۾ ابن سينا جو نالو تمام وڏي ۽ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. ان کان سواءِ وچ ايشيا

ارٿميٽڪ، آلجبرا، جاميٽري، ٽرگناميٽري ۽ لوگارٿم ۾ جيڪي اهم ڪارناما وچ-ايشيا جي مسلمانن سرانجام ڏنا، ان جو ڪو مثال نٿو ملي. عبدالحميد ابن ترڪ، ابوجعفرالرازي، حبش المروزي، عبدالجليل السجزي، ابو نصر منصور ابن عراق، ابوالوفا البوزلجاني، بيروني، نصيرالدين طوسي، خوارزمي، الخجندي، عمر خيام، الغ بيگ ۽ الڪاشانيءَ رياضيات ۾ پنهنجن نون نظرين سان هڪ علمي انقلاب آڻي ڇڏيو.

اسلامي تهذيب جو اوج عروج وچ-ايشيا جي تهذيبي تاريخ ۾ هڪ "حاصلاتي دؤر" (Age of Achievement) آهي. مٿين مختصر خاڪي کان سواءِ، اسلامي تهذيب واري دؤر ۾ فنون لطيفه جي مختلف شعبن، جهڙوڪ: علم ادب، شاعري، مصوري، نقاشي ۽ عمارت سازيءَ ۾ به وڏي ترقي ٿي، جنهن تي روشني وجهڻ لاءِ هڪ الڳ باب ۽ بيان جي ضرورت آهي.

وچ-ايشيا ۾ اسلامي تهذيب جي مقبول عام هئڻ ۾ ڪيترن ئي عناصرن جو عمل دخل هو، جن مان خاص طرح عقيدي جي وحدت، اختيار جي مرڪزيت، امن امان، خوشحالي ۽ غيرجانبدارانه انصاف جهڙا عناصر وڏي اهميت رکن ٿا. منظم مرڪزي اختيار جي ڇانوَ هيٺ انتظامي، مذهبي، تعليمي ۽ قانوني ادارن ذريعي السالي صلاحيتن کي پروان چڙهڻ جو ڀرپور موقعو مليو. شروعات ۾، اموي ۽ عباسي خليفن نقط عام حڪمت عملي جي نفاذ لاءِ اختيار جي مرڪزيت واري اصول کي قائم ڪيو ۽ اهو سلسلو ان وقت تائين قائم رهيو، جيستائين بغداد جا عباسي خليفا بااختيار رهيا. ان بعد جڏهن خلافت جي ڏورانهن پرڳڻن جو اختيار سندن هٿان ڇڏائي ويو، ته پوءِ اتان جي مقامي حڪمرانن اهو مرڪزي اختيار وارو تصور نالي طور قائم رکيو.

خليفن جي بي اختيار ٿيڻ ۽ اختيار ۾ غيرمرڪزيت پيدا ٿيڻ ڪري، مضبوط صوبن جي سلطانن پنهنجي حدن اندر اختيار جي مرڪزيت واري اصول تي عمل ڪيو ۽ پنهنجي مقامي حالتن مطابق انتظام رکيو ۽ ادارن جي جوڙجڪ ڪئي. سندن اهڙي حڪمت عمليءَ صوبن ۽ پرڳڻن اندرِ اختلافن جو خاتمو آندو، امن ۽ خوشحاليءَ کي بحال رکيو. هنن مقامي طور اعليٰ ذهني قابليت جو قدر ڪيو ۽ تخليقي صلاحيتن جي همت افزائي ڪئي. ان زماني ۾ سيني لائق فائق مردن توڙي عورتن لاءِ "اعليٰ ڪارناما سرانجام ڏيڻ" هڪ پرڪشش نصب العين رهيو. وڏي ڳالهه ته آمدورفت جي نظام ۾ وڏي ترقي ٿي. نتيجي ۾ جاگرافيائي، اٿنوگرافيڪل، سياسي ۽ لساني اجنبيت گهٽجڻ لڳي. عقيدي ۽ فڪر جي وحدت سببان ترڪ، تاتاري، منگول، ايراني، توراني ۽ هندستاني ڪنهن به رنگ روپ، ذات پات جي ڀيد کان سواءِ هڪ عام اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جو جز بنجي ويا.

ڀهرياڻين سامانين ۽ پوءِ سلجوقين (خاص ڪري سلطان سنجر ۱۱۵۷-۱۱۱۷) وچ-ايشيا جي ڪيترن پرڳڻن کي هڪ سياسي وحدت ۾ آندو. تعليم جي ترقي مختلف رنگ، نسل ۽ ذات پات وارن جي خيالن ۽ نظرين ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي ۽ انهن ۾ هڪٻئي کي ويجهڪ سمجهڻ لاءِ تحقيق خواهه تجسس طرف راغب ڪيو.

هتي اهو ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته وچ ايشيا واري اسلامي تهذيب، جملي همعصر اسلامي تهذيب جو هڪ خاص منفرد روپ هئي، جنهن جا ٻيا روپ هئا: وچ اوڀر واري اسلامي تهذيب، ڏور اوڀر واري اسلامي تهذيب، ڏاکڻي سنڌ-هند واري اسلامي تهذيب ۽ اتر آفريقي-اندلسي اسلامي تهذيب. جملي اسلامي تهذيب جي انهن جدا جدا جغرافيائي جزن ۽ جلون جو تقابلي مطالعو ڪيترن ئي نون پهلوئن کي روشن ڪندو، جنهن مان اها خبر پوندي ته اسلامي تهذيب جي مختلف روپن ۾ ڪيتري قدر يڪسانيت هئي ۽ انهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون منفرد خصوصيتون هيون.

(سلٽ يڪار: ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل)



ٻولي ۽ انسان جي وجود جو هڪڙي ئي سان اول کان ساٿ رهيو آهي. ٻنهي (انسان ۽ ٻولي) جي ابتدا گڏ ٿي آهي ۽ ٻنهي جي ارتقا گڏوگڏ ٿيندي رهي آهي: گويا ٻولي به انسان سان گڏ وجود ۾ آئي ۽ ان سان گڏوگڏ بتدريج ترقي ڪندي، اڳتي وڌندي رهي ٿي.

ماهرن جو رايو آهي ته تهذيبي ترقيءَ جو واسطو ٻوليءَ جي ترقيءَ سان آهي: تنهنڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته تهذيب ۽ تمدن جي وجود ۽ ٻوليءَ جي وجود جو هڪڙي سان ساٿ ابتدا کان رهيو آهي. تهذيب جي ترقيءَ سان گڏ، ٻوليءَ بہ ترقي ڪئي، ۽ جيئن جيئن انسان جي ذهني ترقيءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو، تيئن تيئن ٻوليءَ جي ترقي ۽ وسعت ۾ به اضافو ٿيندو رهيو/ويو.

حاصل مطلب تہ ٻولي انسان جو فطرتي، پيدائشي ۽ قدرتي ورثو آهي، جيڪو انسان ذات کي قدرت جي طرفان سنڌس (انسان) ابتدا کان وٺي عطا ٿيو آهي ۽ انسان ذات جي وجود سان گڏ قائم ۽ دائم رهيو آهي، ۽ تيستائين فنا نہ ٿيندو، جيستائين انسان جو وجود قائم ۽ دائم آهي.

ڪنهن بہ انسان ۽ انساني معاشري لاءِ زبان جو استعمال ضروري آهي. هر انسان اهو سمجهي ٿو تہ ڳالهائڻ واري قوت هن لاءِ هر لحاظ کان ضروري آهي. ٻولي هن لاءِ هرخواهش- خوف، هراس، پيار، نفرت، احساس ۽ گهرج- جي اظهار جو وسيلو آهي. هن ڏس ۾ پروفيسر فرث فرمايو آهي تہ "هيءَ دنيا جنهن ۾ اسين رهون ٿا، انسان ان جو هڪ اڻوٽ حصو آهي." (٨).

هن سلسلي ۾ هڪ ماهر ايرڪ لينيبرگ (Eric Leneberg) جو رايو آهي تہ "ٻوليءَ واري قوت، انسان ذات کي هڪ خاص ذات طور، قدرت جي طرفان عطا ٿي آهي(٩)." هن جو خيال آهي تہ: "ٻولين جو وجود انسان ذات جي وجود سان گڏ، انسان جي ابتدا کان ئي شامل رهيو آهي(١٠)." ڇوتہ:

(i) هر انساني سماج ڪا نہ ڪا ٻولي ڳالهائي ٿو.

(ii) ٻولي علم طبعي (Anotomy) سان واسطو رکي ٿي. علم طبعيءَ جي لحاظ کان دماغ ۾ اهڙا خالا/ ٻاڳا (Cells) موجود آهن، جن جو واسطو ڳالهائڻ (ٻولي) سان ثابت ڪيو ويو آهي.

(iii) انسان ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ جاندار کي سنڌس جسم ۾ آواز پيدا ڪرڻ جي جاءِ (ٻڙ) عطا ٿيل ڪانهي، جتي هو آواز پيدا ڪري سگهي.

الهيءَ ڪري ماهرن جو خيال آهي تہ انسان ذات، هن جادو-روپي وايومنڊل ۾ اک کولڻ سان ئي ڳالهائڻ سکي ٿو. هنن جي خيال ۾ جڏهن ڪو ٻار ڄمندو آهي، تڏهن سنڌس چوڌاري ماحول وارو گوڙگهمسان سنڌس ڪنن تائين رسندو آهي. جڏهن هو (ٻار) ٿورو وڏو ٿي ڳالهائڻ لڳندو آهي، تڏهن جڻ تہ وايومنڊل ۾ جادوگري جاءِ وٺندي آهي(١١).

جو اڀياس بہ ڪرڻو پوندو، مطلب تہ سنڌ جي سماجي، معاشرتي ۽ ثقافتي تاريخ لاءِ سنڌ جي علم ادب جو مطالعو ضروري آهي، ڇو تہ سنڌي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جو آئينو سنڌي ٻولي ئي آهي. هن (ٻولي) ۾ ئي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جو عڪس ۽ جهلڪ نظر ايندي. ٻولي ثقافت جي دائري اندر سماجي گروهن جي خيالات، تصورات، اظهار، سوچ ويچار ۽ ذهني ارتقا جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿي(١٢). حاصل مطلب تہ ثقافت ڪنهن قوم جي سماجي ۽ معاشرتي زندگي، نظرين، اعتقادن، اخلاقي لاڙن ۽ قدرن جي آئينہ دار آهي، جنهن جي جهلڪ ٻوليءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿي(١٣). ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ڪنهن بہ قوم جي ثقافتي تاريخ، ان قوم جي پوري سماجي تاريخ جو عڪس ۽ نچوڙ آهي.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ ٻهرئين لسان (لسان اول) پنهنجي معاشري جي تڪميل زبان جي مدد سان ڪئي. زبان ڪان سواءِ اها تڪميل الهيءَ ڪري بہ ممڪن نہ هئي جو انسان ۽ معاشري جو وجود هڪ ٻئي جي وجود تي انحصار ڪري ٿو؛ الهيءَ ڪري زندگي گذارڻ جي عمل لاءِ هن (انسان) جتن ڪيا، اصول واضح ڪيا، جيڪي اڳتي هلي، انساني معاشري ۽ ثقافت جي تخليق جا جز ٿيا. پوءِ جيئن جيئن انساني ارتقا ۾ تيزي ايندي ويئي، تيئن تيئن زبان ان جو سهارو بنجندي ويئي، تان جو ثقافت ۽ زبان هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم بنجي ويا.

علم الانسان جي ماهرن جو خيال آهي تہ انساني ارتقا جو نظريو دراصل آن معاشري ۽ ثقافت جي ابتدا ۽ ارتقا جو نظريو آهي. ڪنهن تهذيب ۽ تمدن جي نشونما جو مطالعو دراصل آن تهذيب ۽ تمدن ۾ مروج ۽ مستعمل زبان جي ترقيءَ جو تاريخي مطالعو آهي.

زبان انساني معاشري ۽ ثقافت ڪي زنده رکڻ جو واحد وسيلو ۽ ذريعو آهي، يعني زبان کان سواءِ انساني زندگي ۽ معاشري جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. تهذيب ۽ تمدن جو خالق معاشرو ئي هوندو آهي، ۽ زبان معاشري لاءِ آئيني مثل هوندي آهي، جنهن جي اندر ان تهذيب، تمدن ۽ معاشري جو عڪس نمايان نظر ايندو آهي(١٤).

ڊاڪٽر جميل جالبي پنهنجي ڪتاب پاڪستاني ڪلچر ۾ لکي ٿو:

"زبان جيئن تہ هڪ سماجي فعل آهي، ان ڪري معاشري جو پورو ڪلچر زبان جي اندر ئي پنهنجو مواد جوڙي ٿو. زبان جي ذريعي سان ئي آن زبان جي ڳالهائيندڙن جي مزاج ۾ مطابقت پيدا ٿئي ٿي ۽ فڪر ۽ عمل جو اشتراڪ ۽ تهذيبي يڪجهتيءَ جو عمل پيدا ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هڪ زبان جا ڳالهائيندڙ ڪنهن ٻيءَ زبان جي ڳالهائيندڙن جي مقابلي ۾ ڪلچر جي هر سطح تي هڪ ٻئي جي زياده قريب هوندا آهن. مشترڪ زبان جي ذريعي معاشري ۾ پنهنجي اجتماعي ۽ قومي وجود جو شعور پيدا ٿيندو آهي(١٥).

(١١) غلام علي الانا، "ٻولي، ان جي ابتدا ۽ اوسر"، مقالو، سماهي مهراڻ ١-١٩٨٦ع.
۽ ڏسو: "زبان اور ثقافت"، اسلام آباد، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، ١٩٨٧ع، ص ٣٧.

(12) Harold Rugg & Williams Withers, "Social Foundations of Education" Second Edition, Prentice Hall INC, USA.

(13) Hornby S, and Others, "The Advanced Learners Dictionary of English" London, Oxford University Press, 1963, p. 238.

(14) Robert A. Hall (Jr), "Linguistics & Your Language" New York, Anchor Books, Double day & Company, INC, 1960, p. 121.

(١٥) جميل جالبي، ڊاڪٽر: "پاڪستاني ڪلچر"، طبع سوم، اسلام آباد، نئشنل بوڪ فائونڊيشن، ١٩٨٥ع، ص ١٨٥.

(١٦) ايضاً.

(١٧) غلام علي الانا: ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ١٩٧٨ع. ۽ پڻ ڏسو: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، حوالو ڏنل ويو آهي، ص ٢٤٧.



# شاهه ۽ سچل

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ جون ڪيترين ئي خوبين ۽ خصوصيتون هڪ-جهڙيون آهن. مثلاً:

١- ٻئي شاعر وحدت الوجود جا قائل آهن ۽ هنن وجودي فڪر پنهنجي پنهنجي اسلوب بيان ۾ سمجهايو ۽ ذهن نشين ڪرايو آهي.

٢- ٻنهي بزرگ شاعرن، سنڌ جي رومانوي داستانن جي تمثيل ۾ پنهنجو مقصد بيان ڪيو آهي. انهن ڪڏ تمثيلون ۽ تشبيهون پنهنجي ماحول ۽ سماج مان اخذ ڪيون آهن.

٣- ٻنهي شاعرن سنڌي ثقافت جي ترجماني ڪئي آهي ۽ پنهنجي ماحول جي رهڻي ڪهڻي جي ترجماني ڪئي آهي.

٤- ٻئي شاعر پنهنجي معاشي ۽ معاشرتي حالتن کان متاثر نظر اچن ٿا، ۽ ظلم ۽ ڏاڍ تي سندن دل تڙپي اٿي ٿي.

٥- ٻنهي شاعرن محبت، اخلاص، اخلاق، انسان دوستي، خودشناسي، خدا شناسي، وطن دوستي ۽ ايثار جو سبق سيکاريو آهي.

٦- ٻنهي شاعرن جي پيغام ۽ تعليمات جو سرچشمو اسلامي تصوف ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ ٻاڻ سڳورن جي عملي تعليم آهي.

مقصد ۽ مضمون جي لحاظ کان شاعرن ۾ هڪجهڙايون هونديون آهن. ان جي باوجود باڪمال شاعر اهو آهي، جيڪو ساڳئي مضمون ۽ مقصد کي جديد رنگ ۾ ۽ منفرد اسلوب بيان ۾ پيش ڪري. اها خوبي حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ بدرجهءِ اتم موجود آهي. سچل سائينءَ پنهنجي فطري ذات ۽ شاعراڻي قوت سان پنهنجي لاءِ نيون راهون ڪڍيون آهن، ۽ ساڳيو مضمون ۽ مقصد نئين انداز ۽ وڌيڪ پراثر نوع ۾ بيان ڪيو آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي وجودي فڪر محتاط انداز ۾ بيان ڪيو آهي، پر سچل سائين وڏي واڪي انا الحق جو اعلان ڪندو نظر اچي ٿو. چوي ٿو:

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار،
جيڏيون مون کي ڪير ٿيون ڀانئيو.

ان طرح، ٻسون-ٻڪي، جيوَ-جنّت، جڙيون-ٻوٽيون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون آهن، جن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص جدا جدا ۽ تز معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ ملن ٿا. الهيءَ جي ساک پليءَ پت ”جامع سنڌي لغات“ (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ) جي پنجن ڀاڱن مان ملي سگهي ٿي. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به جهولن سنڌي لفظن ۽ وياڪرڻ جي آڳاٽن روپن جو اڪٽ ڀنڊار نظر اچي ٿو. ان تي الڳ مضمون ۾ روشني وڌي ويندي.

هن مضمون ۾ ڪجهه مثال ڏيئي، ٿوري ۾ اهڙا حقيقت ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو ڀارت-پاڪ اپکنڊ جي آڳاٽين ٻولين (ويدن جي سنسڪرت، ڪلاسيڪل سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش) سان گهاٽو لاڳاپو آهي. ڪيترائي آڳاٽا لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ، جيڪي ٻين هاڻوڪين هند-آريائي ٻولين مان گم ٿي ويا آهن، اهي سنڌيءَ پاڻ وٽ اجا تائين حفاظت سان سانڍي رکيا آهن. ان لحاظ کان اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي مڙني هند-آريائي ٻولين ۾ گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي.



# شاهہ جي شاعريءَ ۾ فن جي اپٽار

الياس عشقي

بيت ۽ وائي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جون مقبول صنفون، شاهہ جي شاعريءَ ۾ اوج تي پهتل آهن. بيت شاهہ جي دؤر کان اڳ رائج ۽ مقبول ٿي چڪو هو. ڳاهن، مولودن ۽ ڏورن ۾ بيت جا اهڃاڻ ملن ٿا. شاهہ کان اڳ واري دؤر ۾ وائيءَ بابت ڄاڻ هيل تائين ملي نہ سگهي آهي. وائي جي هڪ شڪل البت حسين فقير (ماڌو لال حسين) جي پنجابي ڪافي ۾ نظر اچي ٿي، پر وائي نج سنڌي صنف آهي، جنهن کي ڪن خاص صفتن جي ڪري ڪافيءَ کان وڌيڪ اهميت ڏني سگهجي ٿي.

شاهہ جي دؤر کان اڳ وڏا سنڌي شاعر قاضي قاضن، شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو، لطف الله قادري، ميون شاهہ عنات رضوي ۽ ميان عيسو (آخر وارا ٻہ شاعر شاهہ جا بزرگ همعصر هئا) رڳو بيت جا شاعر هئا. انهن شاعرن جا بيت ڏسي معلوم ٿئي ٿو تہ بيت انهيءَ زماني تائين ڪن جا ڪيترائي مرحلا طئي ڪري چڪو هو. شاهہ جي وائيءَ جو اڀياس مناسب موقعي تي ڪيو ويندو، في الحال بيت جي سٽاءُ ۽ فن بابت ڪن ضروري ڳالهين تي غور ڪريون ٿا. انڪري بہ جو شاهہ جي بهترين شاعري بيت ۾ آهي ۽ انهيءَ صنف ۾ شاهہ جي شاعريءَ جي فن جي اپٽار سٺي نموني ٿي آهي.

بيت جو فن دوهي ۽ سورٺي مان نڪتل آهي ۽ اهو لفظ فارسي مان ورتل آهي. فارسي شاعريءَ ۾ هڪڙي مضمون تي جدا ۽ پنهنجي جاءِ تي مڪمل شعر کي "بيت" چيو ويندو آهي ۽ اهڙن لاڳيتن شعرن کي "ابيات" جو نالو ڏنو ويو آهي. سنڌي بيتن ۾ بہ فارسي بيتن واري خاصيت آهي ۽ آهي ساڳئي مقصد ۽ ساڳي ضرورت جي پورت ڪن ٿا. بيت فارسي هجي يا سنڌي، گهڻو ڪري ڪنهن هڪڙي نُڪتي جي وضاحت ڪندو آهي يا ڪنهن ڳالهہ جي سمجهاڻي ڏيندو آهي يا وري ڪا ڳالهہ بيان ڪري ان مان ڪارائتو شاعرانو يا اخلاقي نڪتو يا نتيجو پيدا ڪيو ويندو آهي. اهڙا بيت شيخ سعدي جي گلستان بوستان، جامي جي بهارستان يا شاهنامي ۽ مثنوي مولانا روم ۾ عام جام ملن ٿا. گلستان ۽ بهارستان جا بيت نثر سان گڏيل هئڻ ڪري ۽ ٻين مثنوين جا بيت مسلسل نظم هجڻ ڪري سنڌي بيتن کان ٿورو جدا ٿي ويا آهن. پر سعدي جي بوستان ۽ رومي جي مثنوي جي بيتن جي مطالعي مان لڳي ٿو تہ شاهہ جا بيت بہ ساڳيءَ نوعيت جا آهن ۽ شاهہ روميءَ کان ڏاڍو متاثر آهي.

I think it was the first Tamachi and not his son Tamachi, who fell in love with the beautiful fisher woman named Nur or Nurahin who lived in village on the banks of lake Kinjhar. The woman was Gandari by caste, and the king gave her a place in his palace and raised her above his queens.

هڪڙو شاهه جو هيءُ بيت ياد اچيو وڃي، جيڪو نوريءَ جي اياز جو لذرانو آهي:

جيءَ ڪَنَرَ ڄائي ڄام تہ ڪو نوازيندو نورئين،
تہ سندو مٿي مقام، ڪٿي سمي سيرانديءَ ڪيو.

آخر ۾ مان سيني سائين جو ٿورائتو آهيان، خاص طرح لطيف سڄاڻ سائين جو، جن مون ۾ هيءُ فڪر پيدا ڪيو آهي:

هنذ نہ پڙان هيڪڙي ٿوري ٿر ڄاين،
سون ڪيي مارونڙن ميري ڪري نہ مڃيو.
(شاهه)



موٽي ماندائن جي، واري ڪيائين وار،
وڃون وسڻ آئيون، ڇوڙس ۽ ڇوڙار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪن ڀڄيا مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڃائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪن اچي عمرڪوٽ تان وسائيا ولهار،
سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

— شاهه لطيف

# آجوڪي هوا

رزاق مهر

ايري بس، ڊوڙي رهي آهي سڄي ڏينهن جي ٿڪي ويل ڏامر جي روڊ مٿان ويهه منٽ اڳ جڏهن شهر جي حدن مان نڪري موڙ وٺي مُڙي هئي، تڏهن وشال آڪاش مٿان ڦهليل ميرانجهڙي ڳاڙهاڻ ڪنهن سڄاڻ چترڪارجي لڳايل رنگن جهڙي ڏاڍي خوبصورت ۽ بي پناهه ڇڪ رکندڙ نظر اچي رهي هئي، ۽ تڏهن جمالياتي ذوق رکندڙ ماڻهو دريءَ منجهان مُنهن ٻاهر ڪڍي ان فطرتي نظاري جي سوڀهن ۾ ڪوئنجي ويا هئا.

پر هاڻ جڏهن ڌرتيءَ کان آسمان تائين مٽيءَ جا وڏا وڏا واچوڙا طوفاني شڪل اختيار ڪري چڪا اهن ـ ۽ سڄاڻ چترڪار جي خوبصورت رنگن جهڙي ميرانجهڙي ڳاڙهاڻ جڏهن ڌوڙ جي ڪهاڻن تهن وچ ۾ دٻجي سموري سندرتا وڃائي چڪي آهي، تڏهن بس ۾ ويٺل هرهڪ ماڻهوءَ جي چهري تي بيزاري جهاڪڻ لڳي آهي. ڪڏهن ڪو ماڻهو مٽيءَ جي چادر اوڙهيل ان ڪدڙي ڪدلي آسمان ڏانهن ڏسي ٿو وٺي ۽ وري ساڳيائي اڏامندڙ پاوَ منهن تي آئي ڪپڙن ۾ الهن اندر ٻکوڙجي ويل جسم مٿان مٽيءَ کي ڇنڊڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي ٿو. مٽيءَ کان بچڻ لاءِ ڪجهه ماڻهو دريون بند ڪري رهيا آهن، جنهن جي ڪري بس اندر سخت گهُٽ ۽ ٻوسٽ ڦهلجڻ لڳي آهي، ۽ ان گهُٽ کان بچڻ لاءِ ڪي ماڻهو درين کولڻ جي حق ۾ نظر اچن ٿا. جڏهن ته دريون بند ڪرڻ جي راءِ رکندڙ ڪجهه ماڻهن کي جسم تي چنبڙيل مٽيءَ کان ڏاڍي بڇان ٿي لڳي ۽ اهي دريون بند ڪرائڻ لاءِ هلڪو ڪوڙ ڪن ٿا.

بس اندر زندگيءَ جي هرشعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو سفر ڪري رهيا آهن. هرهڪ چاهي ٿو ته، ڪنهن نه ڪنهن نموني ان بور ڪندڙ سفر مان جلد نجات حاصل ڪري وٺي.

مين گيٽ جي لڳولڳ ٻن ماڻهن جي ويهڻ واري سيٽ تي هڪ ناڪام فلمن جو فلاپ ايڪٽر ويٺل آهي. هن جي هٿ ۾ سستي معيار جو هڪ فلمي رسالو پڪڙيل آهي، جنهن جي هڪ صفحي کي هو بار بار اٿين اٿلائي پٿلائي ڏسي رهيو آهي، جيئن ڪو ڪڙهيل دڪاندار ڪنهن نوٽ کي باريڪ بينيءَ سان ڏسي اهو اطمينان ڪرڻ چاهيندو آهي ته ڪٿي ڪيس نقلي نوٽ نه مليو هجي. ٺيڪ اهڙيءَ ريت هو به رسالي جي هر صفحي کي بار بار اٿلائي پٿلائي ڏسي رهيو آهي، جنهن ۾ هن جي ايندڙ فلم متعلق هڪ، ٻن انچن جيتري غيراهم خبر لڳل آهي. هن جي ذهن جي اسڪرين تي هڪ ڊائمنڊ جوبلي فلم هلي رهي آهي، جنهن اندر ملڪ جي سپرهٽ اداڪارن وچ ۾ هو لازوال پرفارمنس ڏيندي فن جي بلندين کي ڇهندو ڏسي

ٻنهنجن ولن ۽ ٻنهنجي زمين ساڻ پيار ڪندا آهيون، تڏهن ته ڏاڏا جهڙو مضبوط اعصاب وارو ماڻهو به ڏک سهائي نه سگهيو هو ـــــ

ڏاڏا جي مري وڃڻ ڪان پوءِ به ڪيترا ڏينهن اسان جي چلهه ٻڙ جي ٽارين سان جلندي رهي ۽ ڏاڏيءَ جا لين لڙڪن سان جلندا رهيا. پوءِ هوريان هوريان ٻڙ جون ٽاريون ختم ٿي ويون، پر چلهه ۽ ڏاڏيءَ جا لين ڪڏهن به اجهامي نه سگهيا.

اڄ جڏهن مان انهن ڳالهين تي سوچيان ٿي، ته مون کي محسوس ٿئي ٿو ته گهر جيستائين آباد هوندا آهن، تيستائين چلهيون ۽ دليون ڪڏهن به اجهامي نه سگهنديون آهن.



## اسلامي ڪلچر

مولانا رحيم بخش قمر صاحب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ناميارو ليکڪ آهي، جنهن ڪيي سنڌ الدر نثر تورڙي لظم ۾ هڪ جهڙي مقبوليت حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌس هن وقت تائين لظم ۾ ڏهه ۽ اشر ۾ ٻارنهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ انهن ڪيي علمي حلقن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل آهي.

هتي تبصري هيٺ آيل ڪتاب ”اسلامي ڪلچر“ سندس ٽيويهون ڪتاب آهي. ڪتاب ۾ آيل مواد جو جيتري قدر تعلق آهي ته هن ۾ ڪل ۳۱ باب ڏنل آهن. سڀ کان پهريائين ”سورت النساء“ جو ترجمو ۽ تفسير بي-اي سال اول جي نصاب مطابق ترتيب ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه قرآن پاڪ جي ڪن ٻين سورتن جهڙوڪ سورت العلق، سورت العصر، سورت الفيل، سورت الاخلاص ۽ ڪلمه طيب جو ترجمو ۽ تفسير نهايت ئي مفصل نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهن مذڪوره سورتن جي تفسير لکڻ کان اڳ ۾ مولانا صاحب ڪيترن ئي مستند عربي، اردو ۽ فارسي تفسيرن جهڙوڪ تفسير ابن عباس ۽ تفسير روح البيان وغيره ۽ مستند حديث جي ڪتابن جهڙوڪ بخاري، ترمذي، ابن ماجه، مسلم، نسائي، مشڪوات ۽ مدارج النبوت وغيره کي پڻ پنهنجي مطالعي هيٺ آندو آهي، جا ڳالهه مولانا قمر صاحب جي علمي جدوجهد ۽ جاکوڙ جو دليل آهي.

مولانا رحيم بخش قمر صاحب جي انهن بيان ڪيل سورتن جي ترجمي ۽ تفسير جو مطالعو ڪندي هڪ خاص ڳالهه سامهون اچي ٿي، اها هيءَ آهي ته مولانا صاحب انهن سورتن جي تشريح ڪندي مضمون جي مناسبت سان قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ سورتن کي به بيان ڪيو آهي. علم تفسير جي روشنيءَ ۾ قرآن پاڪ جي اهڙي نموني تفسير ڪرڻ جو هڪ بهترين ۽ اعليٰ طريقو آهي. انهن سورتن جي ترجمي ۽ تفسير کان علاوه اخلاقيات سان تعلق رکندڙ مختلف موضوعن جهڙوڪ عدل ۽ انصاف، تور ۽ ماپ، ميانه روي، ماءُ پيءُ جو ادب، سادگي ۽ ڪفايت، صراط المستقيم ۽ رشوت کان پرهيز وغيره تي عالمانه بحث ڪيو ويو آهي.

آخر ۾ عربي ۽ سنڌي تفسيرن جي هڪ فهرست ڏني وئي آهي، جنهن سان پڙهندڙن کي سنڌي تفسيرن متعلق نهايت عمدي معلومات حاصل ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح هي سمورو ڪتاب ديني موضوعن جو هڪ بيش بها خزانو آهي. ڪتاب جي قيمت ۲۰ رپيا مناسب آهي. سنڌ جي سڀني وڏن ڪتب فروشن وٽان ملي سگهندو.

— عبدالرزاق گهانگهرو

## تازو وڇڙي ويل اديب

# محترم محمد رمضان "بردو" سنڌي

### جي هڪ يادگار تصوير ۽ هٿ اکر



(جنم: مارچ ١٩٢٢ع وفات: ٢٦- آڪٽوبر ١٩٨٨ع)

سائين نياز همايوني لاءِ

بردو سنڌي

22.4.82

سليمؔ ڳاڙهوي

## — جديد رنگ —

چنڊ کان، سج کان پري، روشن ستارن کان پري،
اي مقدّر! هل وٺي مون کي حبيبن جي قريب.
ڪين ڪُجهه آرام آهي قُرب بدرن کان پري،
ڪيف ڪافي ۽ قرار ايندو قرين جي قريب.
نينهن نرمل کي نه رک نوري نظارن کان پري،
نير نيڻن جو نجو نامي نجيبن جي قريب.
ڪُونج اڪرا ڪين ڪر ڪُونجن قطارن کان پري،
ڳالهه ڳٽيءَ جي منهن ڳائج ڪم نصيبن جي قريب.
داستان ڏُهرا ۽ دردي داغدارن کان پري،
قرب ۽ ڪرم جي ڪهاڻي ڪر قرين جي قريب.
پاڪ پيرن جي پٽي پنهنجن پيارن کان پري،
طبع کي تابع ڪري تاڻج طبيبن جي قريب.
دل ڏکي دلبر، دلاور جي ديارن کان پري،
اي سليمؔ! اندر اُجارڻ اَچ اَديبن جي قريب.

سنڌي زبان جي قادرالڪلام شاعر

مرحوم سليم ڳاڙهوي جا هٿ اکر